# هڪ چڱومددگار

پيدائش 2 باب جي 18 ۽ 20 آيت’’۽ خداوند خدا چيو تہ اهو چڱو نہ آهي تہ انسان اڪيلو رهي، آءُ هن جي لاءِ هڪڙو سندس جهڙو مددگار جوڙيندس..........‘‘ پر انسان جي لاءِ ڪو مددگار هن جهڙو نہ مليو.

گذريل زماني ۾ مردن پيدائش 2 باب ۾ لفظ مددگار جي معنيٰ کي گهٽايو ۽ مختصر ڪيو ويو، جيڪا پهرين عورت جي باري ۾ هو، هنن هن کي واقعي ئي گهٽ ڄاڻيو، جڏهن تہ گهٽِن ئي ماڻهن خيال ڪيو تہ لفظ جو بنيادي مطلب پهرين عورت آهي ۽ عام طور سڀ عورتون، جن کي خدا پيدا ڪيو ۽ ان جي حيثيت هڪ گهريلو نوڪرياڻي ڪانسواءِ ڪجهہ نہ هئي، جن جو ڪردار گهريلو ڪم ڪار ۽ گهروارن جو خيال رکڻ هو ۽ خاص ڪري پنهنجي مردن جي ضرورتن ۽ مطالبن کي پورو ڪن.

حوا جي لاءِ لفظ مددگار کي مختصر ۽ تنگ نظري سان ڇو ڏٺو وڃي ٿو؟

انگريزي زبان ۾ لفظ مددگار جي ڪشادا معنيٰ آهن، مدد هڪ سادو، معمولي قدم يا تمام گهڻو شاندار ڪرڻ ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿي، هڪ وڏي مدد اهڙي مدد يا مشورو آهي، جيڪا پيشي وارن مردن کان ورتو وڃي ٿو، جيئن تہ ڊاڪٽرن يا وڪيلن کان وغيره وغيره عبراني ۾ پيدائش 2 باب جي 18 ۽ 20 آيت ۾ مددگار جي لاءِ لفظ اضر (Ezer) استعمال ڪيو ويو آهي ۽ هي هميشہ کان ئي آهي ۽ صرف خاص ۽ طاقتور مدد جي عمارت ۾ پراڻي عهد نامي ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، آرڊيوڊ فري مين (R.David Freeman) جي مطابق لفظ اضر (Ezer) ٻن پاڙن جو هڪ ميلاپ آهي جن جو مطلب ’’کي بچائڻ‘‘، ’’کي بچائڻ لاءِ‘‘ ۽ طاقت آهي.

اضر (Ezer) پراڻي عهد نامي ۾ صرف 21 ڀيرا استعمال ٿيو آهي، ٻہ ڀيرا هي حوا جي لاءِ ٽي ڀيرا هنن قومن جي لاءِ جيڪا اسرائيل کي فوجي امداد فراهم ڪنديون هيون ۽ باقي سورنهن ڀيرو هن کي خدا جي لاءِ مددگار جي طور تي استعمال ڪيو ويو، هي تمام آيتون طاقت ۽ بچائڻ جي باري ۾ بيان ڪري رهيون آهن.
جڏهن لفظ اضر (Ezer) کي پهرين عورت حوا جي حوالي ۾ ڏٺو ويندو آهي، تہ ان جي معنيٰ کي گهٽ ڪيو ويندو آهي، جيڪو روايتي ۽ ثقافتي طور تي عورتن جي ڪردار سان جوڙيو وڃي ٿو.

خروج 18 باب ھن جي 4 آيت ۾ ائين بيان آھي تہ موسيٰ پنھنجي پٽن مان ھڪ پٽ جو نالو اليزر رکيو، جن جو عبراني مطلب خدا منھنجو مددگار آھي، ھي آيت وڏيڪ ھن حقيقت کي بيان ڪري ٿي تہ موسيٰ ڇو پنھنجي پٽ جو نالو اليعزر رکيو، ان لاءِ نہ تہ خدا موسيٰ جي ڪپڙن کي صاف ڪيو ھو، (اڻچاڙيل طور تي شرمسار ڪرڻ) جڏھن تہ ھن لاءِ خدا موسيٰ کي فرعون جي تلوار کان بچايو ھو. اضر (Ezer) خدا جي ڪردار جي نظاري کي بيان ڪري ٿو، اھا اسان جي طاقت، اسان جو بچائڻ وارو، اسان جو سنڀالڻ وارو ۽ اسان جي مدد آھي ۽ اضر (Ezer) لفظ پھرين عورت جي وضاحت ڪرڻ جي لاءِ پاڪ روح جو چونڊ ھو، حوا ھڪ اھڙي شخصيت ھئي، جيڪا آدم کي گران قدر ۽ زبردست طاقت ۽ مدد فراھم ڪندي ھئي. (مھرباني سان اختتام 3 تي ڏسو)

عبراني لفظ (Kenegdo) جو پيدائش 2 باب ۾ مناسب طور تي ترجمو ڪيو ويو، جنھن جو مطلب آھي تہ حوا کي آدم جي لاءِ ھڪ ھمڪار ۽ مددگار جي طور ناھيو ويو ھو، پيدائش 2 باب ۾ ان کي ڪنھن بہ طرح نوڪر يا ھن طرح جي معنيٰ ۾ بيان نہ ڪيو ويو. (اختتام 4 تي ڏسو) اضر (Ezer)، (Kenegdo) ھڪ چڱي مددگار کان بغير ڪنھن بہ مقرر جد، تنگ اھميت يا احتياط سان تيار ڪئي وئي، ثقافتي پابندين جي حوا جي حوالي سان استعمال ڪيو ويو آھي، ٻي لفظ ۾ پيدائش 2 باب ۾ ڪٿي بہ ھي بيان نہ ڪيو ويو تہ ڪيئن پھرين عورت کي پنھنجي مڙس سان گڏ پنھنجي طاقت ۽ مدد جو اظھار ڪرڻو ھو، بدقسمتي سان گھڻن ئي ماڻھن صرف فرض سمجھيو ھو تہ عورت جي ڪردار کي فرمانبردار ٿيڻو ھو، ھي ماڻھو تنگ تصورن سان گڏ پيدائش 2 باب کي پڙھي چڪا آھن، جڏھن تہ ھن عبادت ۾ ھنن گڏيل ۽ ٻڌي جي اظھار کي نہ ڏٺو ھو.
عورتون ! ڪنھن طريقن ۾ توھان اضر Ezer (مددگار) تي سگھن ٿيون؟ پنھنجي خاندان ۾، پنھنجي ڪليسياءَ ۾، پنھنجي ڪم ڪار جي جاءِ تي، ۽ پنھنجي معاشري ۾، ھڪ قدر جي قابل، طاقت جي طور تي؟.

**اختتاميہ**

1. جنهن وقت حوا ۽ آدم کي باغ مان ڪڍيو ويو (پيدائش 2 باب 21 کان 23 آيت)، ته انهيءَ وقت حوا جا ٻار نه هئا ۽ نه ئي هن کي گهر کي هلائڻ جي لاءِ سارسنڀال ڪرڻي پوندي هئي.

2. عبراني لفظ اضر (EZER) ٻن پاڙن جو هڪ ميلاپ آهي اضر EZER جنهن جو مطلب ''ڇڏائڻ'' ۽ ''بچائڻ'' آهي ۽GZR جو مطلب آهي ''مضبوط ٿاهڻ'' آر ڊيوڊ فري مين، ''عورت قوت جي لحاظ کان مرد جي برابر آهي''، بائبل پراچين جائزن .9

1983 صفحو نمبر 56 کان 58 ۾ لکيل آهي. والٽر قيصر بائبل جي سخت مثالن مان حوالو ڏنو آهي، Et-al Downers grove پريس 1996، صفحو 93.

3. ڪجھ ماڻهن جو چوڻ آهي ته حوا کي آدم جي مدد جي لاءِ پيدا ڪيو ويو هو، نه ته هن جي مقابلي انساني رشتن جي بابت نئين عهدنامي جي تعليم جنهن جي اسان کي ڄاڻ آهي، يقينن سان هي سيني جي برخلاف آهي (افسين 5 باب 28 کان 29 آيت) پيدائش 2 باب جي 21 کان 24 آيت ۾ حوا کي ٺاهڻ جي قصي جو سڄو مقدس مڙس ۽ زال جي ايڪي ۽ پاڻ ۾ گڏجڻ تي زور ڀري ٿو، ان کي ڪنهن ٻئي خيال سان پڙهڻ اصل سوچ کي ڇڏڻ ۽ هن جي معنيٰ ۽ مقصد کي بگاڙڻ آهي. حوا اصل طور تي انساني نسل جي طور تي ڪيجي وئي هئي. (23b) ٺاهڻ کان پهرين حوا پهرين ئي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان آدم جو حصو هئي، جڏهن آدم پنهنجي نئين ساٿي کي ڏٺو ۽ هن خوشي سان رڙ ڪري چيو هي منهنجي هڏن مان هڏو ۽ ماس مان ماس آهي، هي برابري جو هڪ گهاٽو اظهار آهي.

هتي ڪير به گهٽ وڌ نه آهي پر هن ڳالھ تي وڏيڪ زور 24 آيت ۾ آهي ته جڏهن ماڻهو ۽ عورت شادي ۾ گڏجن ٿا، ته اها هڪ جسم ٿين ٿا.......... هڪ سوچ جنهن کي يسوع به (متي 19 باب جي 4 کان 5 ۽ مڙس 10 باب جي 6 کان 7 آيت) واضح ڪيو ته مرد ۽ عورتون خدا جي صورت تي پيدا ڪيا ويا آهن، مڙس ۽ زال خدا جي مثالي مخلوق هئا، جيڪا مڪمل طور تي هڪ جهڙا طبيعت تي حاڪم هئا (پيدائش 1 باب 26 کان 28 آيت) مڪمل جنسي برابري خدائي مراد آهي، جيڪا اسان جو مقصد ٿيڻ گهرجي.